ڊاڪٽر احسان دانش

# شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾
# عشق ۽ درد جو لاڳاپو

# THE RELATIONSHIP OF LOVE AND PAIN IN THE POETRY OF SHAH ABDUL LATIF BHITAI

**Abstract**

Love is the culmination of ideas and feelings, without it a creative work remains superfluous and lifeless. It is the phenomenon of mental energy and restlessness of soul that sets feelings afire. Love bestows elevation and sublimity to ideas which is the lifeblood of a great creation. The tradition of embracing Pain on the path of Love is highly prominent in the poetry of Shah Latif. His characters love Pain and pour its beauty inside them. The fire of Love increases the feeling of Pain and a lover achieves an ecstasy by an ultimate touch of Pain.

Shah Latif visualizes Love as a vast and endless ocean. Its flow in all directions leads to a different destination. Persons with an imperfect passion of Love remain restless to reach the destination with various whims in their hearts. Those whose hearts are immersed in the sublime Pain of Love always have their destination in sight. Shah Latif introduces myriad forms of Pain in his poetry which I have briefly tried to point out in this article.

عشق هڪ اهڙي انساني ڪيفيت آهي جنهن جي لفظن ۾ تشريح نہ ٿي ڪري سگهجي. اهو هڪ اهڙو مرحلو آهي، جنهن مان گذرڻ بعد بہ سندس وستار ڪرڻ ڏکيو آهي. ان ڪري عشق جي رمز کي سمجهڻ ڏاڍو اوکو ڪم آهي. انهيءَ ڪري مولانا جلال الدين روميءَ فرمايو هو تہ:

در نگجد عشق در گفت و شنید
عشق دریائیس قعرش با هدید

(عشق گفتگو ۾ سمائجي نہ ٿو سگهي، ڇوتہ اهو هڪ اهڙو سمنڊ آهي، جنهن جو تَرو ڪنهن لڌو ئي ناهي.)

درد جو حقيقي سرچشمو عشق آهي. اهو عشق ئي ڪهڙو جنهن ۾ درد نہ هجي،

يعني درد کان سواءِ عشق جو تصور ئي ڏنڊلو آهي، تنهن ڪري عشق ۽ درد کي ’حرف مڙوئي هيڪ‘ سمجهڻ کپي. رومي چوي ٿو ته:

ای عشق پیشِ ھر کسی نام و لقب داری بسی
من دوش نامِ دیگرت کردم کہ دردِ بی دوا

(اي عشق! سڀني جي اڳيان تنهنجا ڪيترائي نالا ۽ لقب آهن؛ مان ڪلهه رات تنهنجو هڪ ٻيو نالو ”دردِ بي دوا“ رکيو آهي.)

”عشق جو تير بي پير آهي، هن جو درد بي درد آهي، جيئن عطار فرمائي ٿو ته:

قدسیاں را عشق ھست و درد نسبت
درد را جز آدمی در خور نیست

(فرشتن کي به عشق آهي، ليڪن درد نه آهي ۽ اهو درد انسان کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي لائق نه آهي.)“ (1)

عشق انسان جي اندر ۾ انيڪ پيڙائن جا چار وچائي ڇڏي ٿو ۽ ماڻهوءَ جي جذبن ۽ خيالن ۾ هلچل مچائي ڇڏي ٿو. ”عشقُ خيالن ۽ جذبن جي شدت سان پرپو هوندو آهي، جنهن کان سواءِ تخليقي عمل رڳو سطحي ۽ بي جان رهندو آهي يا فقط ”صلاحيتن جو اظهار“ رهجي ويندو آهي. عشق هڪ اهڙي ذهني توانائي ۽ روحاني بي تابيءَ جو مظهر آهي، جيڪو جذبن ۾ باهه ٻاري ڇڏيندو آهي. خيالن ۾ بلنديءَ تخيل ۾ تيزي پيدا ڪندو آهي. جيڪو هر سني تخليق ۾ اهڙي ريت روان دوان رهندو آهي، جيئن رڳن ۾ خون گردش ڪندو آهي، ۽ خون جي گردش ئي زندگي آهي ۽ ان جو ٻيهي رهڻ موت آهي. تخليقڪار جو عمل جذبي جي انهيءَ شدت سان عبارت آهي.“ (2) جذبي جي ان شدت ۾ درد جي آميزش ٻارڻ جو ڪردار ادا ڪندي آهي. جڏهن انسان درد جي ٻنيءَ ۾ ٻري ٿو ته زندگيءَ جو حقيقي شعور ۽ آگهي حاصل ڪري ٿو. ”شاعري جو عظيم دبستان عشق جي درد جي بدولت آباد آهي. ۽ اهو عشق جو ئي درد آهي جنهن وسيلي انسان حسن ۽ سونهن جي اثر انداز ٿيندڙ سگهه مان محضوض ۽ مخمور ٿئي ٿو. يعني درد راحت ڏيندڙ بڻجي وڃي ٿو. پر صرف اهو درد ئي راحت بخشي سگهي ٿو جنهن ۾ جمالياتي ۽ عشقيه عنصر موجود هوندا.“ (3)

شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ عشق جي راهه تي هلندي درد کي ڳلي لائڻ جي روايت ڇٽي ڏينهن وانگر موجود آهي. هن جا ڪردار درد سان پيار ڪن ٿا ۽ ان جي سونهن کي پنهنجي اندر ۾ اوتين ٿا. ”شاهه عشق جي ٻنيءَ ۾ پچڻ جو ڏس ته ڏئي ٿو پر عام تائين ان آڳ جي حقيقت جي آگاهي پهچائڻ کان منع ڪري ٿو ۽ اهو به فرمائي ٿو ته جي نيهن لڳائڻ سگهو اٿئي ته ان نهائين کان سِکُ جيڪا سچو ڏينهن سڙندي به ٻاهر ٻاڦ نه

ڪيندي آهي.” (4) اها ڀاڻ ٻاهر نہ ڪڍڻ ۽ عام ڪي ڪا ٻاپور نہ ڏيڻ حقيقت ۾ ان عشق جي آڙاهہ مان اٿندڙ درد جي شعلي جي حقيقت سمجهڻ ۾ مدد ڏئي ٿي.

محمد حسين ڪاشف لکيو آهي تہ ”حضرت عشق“ جڏهن ٻنيءِ تي اچي هٽ هٽي، تاڙي ڪولي، طاق پري ڪري، جيءَ ۾ جلوو پسائي ٿو تہ صورتحال ئي بدليو وڃي. اهو جذبو ۽ ان جي ڪشش، جيڪا صورتحال پيدا ڪري ٿي، اها عقل انسانيءَ کي اورانگهي اڳتي نڪري وڃي ٿي، جتي ڇو ۽ ڪيئن جي ڪائي حجت ۽ حاجت نہ ٿي رهي. لطيف چواڻي:

مـتـي مـنـجـهـان مـيـنـهـن، پسـو پـاڻـيءَ جـيـئـن وهـي،
مون پائيو نيـنـهـن، پـر ڇـپـيـون ڇـيـري سـنـديـون. (5)
(سُر حسيني، د 2)

اهي عشق جي ڄر جون ڇپيون، انسان جي اندر ۾ درد جي احساس کي وڌائين ٿيون ۽ هڪ عاشق ان مٺي مٺي سوز مان سرور حاصل ڪري ٿو. ڊاڪٽر بشير احمد شاد لکيو آهي تہ ”عشق انسان جي اندر کي اجاري ٿو، شخصيت کي نکاري ٿو ۽ صبر تحمل ۽ بردباري سيکاري ٿو. جيسيتائين انسان ۾ صبر جو مادو پيدا نہ ٿيو آهي، تيسيتائين هو سورَ ۽ سختيون سهڻ جي لائق ئي نہ ليکبو. صبر ۽ بردباري عشق جي اولين تقاضا آهي. محبت جي راهہ ۾ جيتريون مشڪلاتون درپيش اچن انهن کي صبر سان سَهڻو آهي. ڪُلي عام واويلا مچائڻي نہ آهي.” (6)

لطيف سائين سُر ڪارايل جي هڪ بيت ۾ چوي ٿو تہ عشق هڪ اُڃ آهي. ڪنول جون پاڙون پاتال ۾ آهن ۽ پونر آسمان ۾ اتي پيو ڦيرا ڏئي جتي ڪا وسندي ناهي ۽ سڄ آهي، پر ٻنهي جو ملڻ عشق جو ڪرشمو آهي. پونر جي من ۾ اڃ آهي جيڪا ڪنول جي گل سان گڏجڻ بعد بہ اجهيو نہ ٿي اجهي.

ڪَـؤنـر پـاڙون پـاتـارَ ۾، پَـؤنـرُ پـري ۾ سُـڄَ؛
ٻـنِـيـن سَـنـدِي ڳـالـهـڙِي، عِشـق اِيُّ اُهـڃَ؛
تـوءِ نـہ لَـهـيـن اُڃَ، جـي پِـيـو پِـيَـن پـاڻَ ۾.
(سُر ڪارايل، د 1)

ان عشق جي اڃ جي شدت مان درد ڦٽي ٿو. لطيف سائين وٽ عشق ۽ درد جو تعلق اهڙو ئي آهي، جهڙو تعلق جسم سان ساهہ جو آهي. هن جو ڪلام پڙهڻ سان معلوم ٿيندو تہ ”عشق جون راهون ڏاڍيون اٽانگيون آهن. عشق رهنما بہ ٿئي ٿو تہ رهزن بہ. تنهن ڪري عشق جو پنڌ گهڻو پُر خطر آهي، جنهن تي هلڻ هر ڪنهن جو ڪم نہ آهي. عشق نانگ آهي، جنهن جي ڏنگَ جي خبر ڪو ڪَکيل ئي ڏئي سگهندو. عشق ڪا ٻاراڻي راند ناهي ان لاءِ سِرَ جون سَٽون سَهڻيون پونديون آهن.” (7) عشق جڏهن

نانگ ٻڌجي پوي ٿو ته ان جي ڏنگ جي درد کي به سَهڻو پوي ٿو. عشق سور جي سوريءَ تي به ٽنگي ٿو، ان ڪري ان راهه ۾ سر ساهه جي پرواهه نه ڪرڻي آهي. چوته عشق درد جو اکٽ سفر آهي، ان سفر ۾ سسي نيزي پاند اڇلڻي پوندي آهي.

مـحبّـت جـي مـيـدان ۾، سِـرَ جـو کـر مَ سـانـگُ؛
سـوريءَ سُـپـيـرِيـن جـي، چَـڙهُ تـه ٿـئـيـن چـانـگُ؛
عشــق آهــي نــانــگ، خــبــر کــاڏَنِ کــي پــوي.

—

عشـق نــه آهــي رانـد، تـه کـي ڪَـنـسِ ڳِـيـرُو؛
جِـيَ جُسـي ۾ جـانِ جِـي، پـجـي جـو هـيـڪـانـدِ؛
سِــسِــي نــيــزي پــانــدِ، اُجــل تــه اَڌ ٿــئــي.
(سُر يمن ڪلياڻ، د 6)

شاهه جي خيال ۾ سڪ ۽ سور ۾ ڪو سنڌو نه آهي. ٻئي بي حد ۽ بي انت آهن. سڪ ۽ سور جو جنم عشق منجهان ٿئي ٿو ۽ عشق به لاحد آهي ان جو ڪو ڇيڙو ۽ انجام نه آهي. اهو پنهنجو انت پاڻ ٿو ڄاڻي.

نَـڪـو سَـنـڌو سُـورَ جـو، نَـڪـو سَـنـڌو سِـڪَ؛
عَــدَدُ نــاهِ عِشــقَ، پُــڄــاڻِــي پــاڻَ لَــهــي.
(سُر سهڻي، د 9)

يناثيءَ جي سوچ ۾ عشق اهڙو وشال ۽ عميق درياهه آهي، جنهن جو ڪو انت ناهي. ان جو هر وهڪرو منزل تي رسائي ٿو، جن جو عشق ڪامل نه هوندو آهي اهي منزل ۽ ماڳ لاءِ پريشان هوندا آهن، سندن من ۾ اڻ تڻ ۽ وسوسا هوندا آهن. جيڪي عشق جي درد ۾ ٻڏل هوندا آهن تن جي سدائين پنهنجي ماڳ ۽ گهاٽ تي نظر رهندي آهي، انهن لاءِ وشال درياهه به وک وانگر هوندو آهي.

جِـئـان وَهـي تِـئـان واٽَ، ڪَـپَـر پُـڇَـن ڪـوڙيُـون؛
جن کي سِڪَ ساهَڙَ جِي، سي گـهـيـڙَ نـه پُـڇَـن گـهـاٽَ؛
جن کي عِشـقَ جِي اُسـاٽَ، سي واهُڙَ پانـئِـيـن وِکَـڙِي.
(سُر سهڻي، د 3)

لطيف جي سهڻي ساهڙ سواءِ پنهنجي اندر ۾ اهنج ۽ آزار پئي محسوس ڪري، هوءَ جڏهن ڏم وٽ آهي ته ڏک ۾ آهي ۽ پنهنجي سڄڻ ۽ سنگهار وٽ آهي ته خوش آهي. ميهار جو ديدار سندس دک جي دوا آهي، هوءَ سندس مُک ڏسي سُک ماڻي ٿي ۽ ائين هن جو اهنج ۽ اگهائي دور ٿئي ٿي.

ساهَڙ ڏاران سُهڻِي، آهي ۾ آزارَ؛
ڏَمَ پاسي ۾ ڏُکَندو، صِحَتَ وَتِ سَنگهارَ؛
توڏِيءَ سَندي تَنَ جِي، دَوا ۾ دِيدارَ؛
جي پَسي مُنهن ميهارَ، تہ سِگهيائِي سَگِهي ٿئي.
(سهڻي ابيات متفرقہ)

شاهہ جو سُر يمن ڪلياڻ عشق ۽ رنج سان رچيل آهي. اهي دُکي عاشق جيڪي درد ۾ ڪنجهن ۽ ڪُرڪن ٿا، تن جي سور جو پتو صحتمند ماڻهن کي ڪونهي. اهي دک ۾ مبتلا عاشق پٽ تي پيا لڇن ۽ تڙپن ٿا، ڇوتہ کين عشق جي لونء لڳل آهي. هو سدا درد جي سوريءَ تي ٽنگيل آهن.... جن عاشقن جي من ۾ ڪامل عشق موجود هوندو آهي سي سڄي رات پيا رنج مان روئندا آهن. عشق جي مرض ۾ مبتلا عاشق ڪنهن معالج جو علاج قبول نہ ڪندا آهن. هو طبيب کي پنهنجون ستيون ڦڪيون ڪڏ ڪٽي زمين ۾ پورڻ جون صلاحون ڏيندا آهن، ڇوتہ کين پرين کان سواءِ حياتي بي رنگ لڳندي آهي. اهي عاشق سدا پنهنجي ساجن کي پيا پڪاريندا آهن، جنهن جي ڪري ئي هو سور ۾ مبتلا هوندا آهن. ڀٽائي جي سُر يمن ڪلياڻ ۾ عاشق پنهنجي پرين کي چوي ٿو تہ جيڪڏهن مان تنهنجي درد ۽ فراق جي سور کان تڙپي تڙپي مري وڃان تہ مون تي ڪو ڏوهہ نہ ڏجان، اي محبوب تون پنهنجن هٿن سان دوائون ڏئي منهنجو علاج ڪر.

سَگهن سُڌِ نہ سُورَ جِي، ٿا رُنڪَن رَنجُوري؛
پِيا آهن پَٽَ ۾، مَٿِن مامُوري؛
لڳِين لَنؤ، لَطِيفُ چَئي، سَدا جِي سُوري؛
پِرتِ جن پُوري، تن رويو وِهامي راتڙي.
(سُر يمن ڪلياڻ، د 1)

—

تَنَ طبيب نہ تُون، سُڌِ نہ لهين سُورَ جي؛
ساندِ پنهنجا ڊَبڙا، کَڏَ کٽي ۾ پُون؛
ڪانَ گُهرجي مُون، حياتِي هوتَن ري.
(سُر يمن ڪلياڻ، د 2)

وائي
اَڇِي سارَ لَهيجِ، ساجَنَ سُورَ تُماري آئُون ماري!
سُورَ تُماري جي مَران، تان مُون ڏوهُ مَ ڏيجِ؛
ڊَبَن پَري هَٿَڙا، دارُون، دوست! ڪَريجِ.
(سُر يمن ڪلياڻ، د 2)

شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ عشق جو درد الڳ الڳ ويسن ۽ ورنن ۾ ظاهر ٿئي ٿو. لطيف سائين عشق مان جنم وٺندڙ درد جون نيون نيون صورتون پَسائي ٿو. پٽائي فرمائي ٿو تہ جن جي ڪُک ۾ عشق جو ڪانُ لڳل آهي ۽ جن جي لڱن ۾ درد رڳَ جي نوڪ بڻجي چڀي ٿو سي ڪنجهن ۽ ڪُرڪن پيا. محبت جي ميدان ۾ اها لالن جي لڇ پڇ عام ڳالهہ آهي. هو غم جي زخمن تي پاڻ ئي مرهم رکندا آهن. پٽائي چوي ٿو تہ عشق جي درد جي زخمن سان چور اهڙن عاشقن وٽ جيڪر ڪا رات گهاري اچجي.

ڪانارِيا ڪُڙِڪَنِ، جنِين لوهُ لِڱَنِ ۾؛
محبتَ جي ميدانَ ۾، پيا لالَ لُڇَنِ؛
پاڻَهِين ٻَڌَنِ پَٽِيُون، پاڻَهِين چِڪِيا ڪَنِ؛
وَٽان واڍوڙِيَنِ، رهِي اَچجي راتڙِي.
(سُر يمن ڪلياڻ، د 1)

شاهہ لطيف جي رسالي ۾ عشق جي ڪُک مان ڦٽل گوندر ولَ جڏهن ڪنهن وجود کي ويڙهي وجي ٿي تہ اهو وجود ڪرب جي عجيب ڪيفيتن ۾ مبتلا ٿي وڃي ٿو. لطيف سائين وٽ عشق رهنما جي حيثيت رکي ٿو، پر جڏهن ڪو فرد انهيءَ عشق جي آڱر پڪڙي هلي ٿو تہ اهو ڪيس درد جي وادين جو سير بہ ڪرائي ٿو، ڇوتہ شاهہ عشق جي مسافت ۾ دک جي واديءَ کي پسڻ ضروري سمجهي ٿو. عشق جو سفر آهي ئي ڏکن جو سفر ان ۾ فراق ۽ ڦوڙائي جا زخم آهن، انيڪ اهنج ۽ اداسيون آهن، پر عشق جي پورءِ مان ڦٽل اها دک جي ٻي پاڙي ڪنهن وجود کي ويڙهي ڪمزور نہ ٿي ڪري پر هڪ خوشي جو احساس ڏياري ٿي. شاهہ جي شاعريءَ مان عشق ۽ درد جو فلسفو سمجهڻو آهي تہ سسئيءَ وارا پنج سُر پڙهجن. ”سسئي جو تلاشِ يار وارو سفر، تڪليفن وارو سفر آهي، پر هوءَ شوق منزل ۾ ڪنهن بہ تڪليف کي تڪليف نہ ٿي سمجهي ۽ هر اذيت کي نشانِ راهہ سمجهي اڳتي وڌندي ٿي رهي. اهو سارو عشق جو ڪرشمو آهي.“ (8)

آءُ اوراهُون، سُپِرِين! ڏُکِيءَ ڏيجِ مَ ڏاڱُهہ؛
وَٽِ ڇَڏي مُون واڱُهہ، آرِي! وِئين عِشقَ جو.
(سُـر آبـري، د 10)

—

رُڄُنِ ۾ رَڙ ٿِي، ڪَرَ سارنگِي ساڙُ؛
اِيُ عِشقَ جو آواڙُ، ماڙهو رَڪَنِ مُنڌَ تي.
(سُر معذوري، د 7)

وائي

آرِيءَ جـي عِشـقَ جِـي، مُـون کـي اَنـدَرِ آڳِ ٻَـري؛
تـوکـي تـوءِ نـہ چَـڏِيـان، جـي وَجـان پُـونءِ تَـري؛
ڏُڙ وِجَـهـنـديَـس ڏُوڙ ۾، مَـٿـو ڏاَر ڏَري..... الـخ
(سُـر حسيـنـي، د 4)

سسئيءَ جي نيم ڪلاسيڪي داستان مان جنم وٺندڙ اهو عشق ۽ درد جو قصو بيشڪ ڪهنو آهي. جنهن کي لطيف سائين پنهنجي ڪلام ۾ آڻي امر بڻايو آهي. هن قصي جي حوالي سان لطيف جا چيل بيت سسئيءَ جي انهن ڪيفيتن کي اجاگر ڪن ٿا، جيڪي پنهونءَ جي عشق ۽ هجر پڄاڻان سورميءَ جي من ۾ پيدا ٿين ٿيون. سچ تہ اهي ساريون ڪيفيتون درد جي ڪوهيڙي ۾ ويڙهيل آهن. ڪٿي هوءَ پرينءَ کي سڏيندي ويجهو اچڻ جي التجا ڪندي چوي ٿي تہ مونکي جدائي جو داغ نہ ڏي، چوتہ تون منهنجي من ۾ عشق جو شينهن ويهاري ويو آهين. ڪٿي رڃ ۾ سندس رڙيون سارنگيءَ جو درد ڀريو آواز بڻجي ٻُرن ٿيون، اصل ۾ اهو سوز ڀريو آواز مٿانئس عشق جي عنايت آهي، جنهن کي عام ماڻهو ڪنهن عورت جون دانهون ۽ ڪوڪون سمجهن ٿا. سسئي جي من ۾ عشق جي آڳ ٿي ٻري تنهن ڪري، هوءَ پنهل کان سواءِ جيئڻ جو تصور بہ ٿي ڪري. هوءَ پونءِ ۾ پيهي وڃڻ کان پوءِ بہ پرينءَ کي وسارڻ لاءِ تيار ناهي. اهو عشق جو اثر آهي جنهن کي لطيف سائين سسئي جي ڪردار ۾ ظاهر ڪيو آهي، پر پڻائي جي انهن ئي سسئيءَ وارن سُرن ۾ هڪ خود اذيتيءَ (Masochistic) وارو انداز بہ نظر اچي ٿو. سسئي جي سفر جو منطقي انجام پنهونءَ سان ملڻ هيو پر انهيءَ مسافت دوران هن جي من ۾ پنهونءَ سان نہ ملڻ جي آس بہ جاڳي پوي ٿي. هن کي ان ڏکن واري راهہ ۾ اهڙو تہ لطف اچي ويو ۽ اهي سفر جون اذيتون اهڙيون تہ پياريون ٿي لڳيون جو چئي ڏنائين تہ:

ڏورِيـان، ڏورِيـان، مَ لَـهـان! شـالَ مَ مِـلان هـوتَ!
مَـنَ اَنـدَرِ جـا لـوچَ، مَـڇُـڻِ مِـلَـڻَ سـان مـاٺِـي ٿِـئـي.
(سُـر حسيـنـي، د 7)

آغا سليم لکيو آهي تہ ”اها عشق جي عجيب ڪيفيت ۽ سِڪَ جي سمجهہ ۾ نہ ايندڙ صورتحال آهي، جو جنهن محبوب لاءِ سسئي لوچي ٿي ۽ برن ۽ بيابانن ۾ ٿي پٽڪي، ان ساڳي محبوب سان هاڻي ملڻ نہ ٿي چاهي. پنهونءَ کان وڌيڪ پنهونءَ جي لوچ هن کي پياري آهي ۽ ڪيس ڊپ آهي تہ جي هوءَ پنهونءَ سان ملي تہ سندس لونءَ لونءَ جي اُڃ ۽ تنَ جي تاسَ اجهامي ويندي، جيڪا هوءَ اجهائڻ نہ ٿي گهري. محبت ۾ اهڙي رويي کي خود اذيتي (Masochistic) رويو چئبو آهي. جنهن ۾ ماڻهو پنهنجو پاڻ

ڪي وصل جي خوشين کان محروم ڪري، هجر جا ايذاءَ سهي ان مان مزو ماڻيندو آهي.“ (9)

لطيف سائين وٽ عشق ۾ ان خود اذيتي واري ڪيفيت چانئيل نظر اچي ٿي.

جيڪي فراقان، سو وصالان نہ ٿئي،
اچي اوطاقان، مونکي پرينءَ پري ڪيو.
(سُر حسيني، د 5)

شاهہ جي ڪيڏاري جا شهيد، ميدانِ جنگ جي سختين کي ابرِ رحمت ان ڪري ٿا سمجهن جو سندن من ۾ بہ عشق جو مچ پيو ٻري، ان عشق جي اهڃاڻ جي يزيد کي ذري برابر خبر ناهي. اهو الاهي عشق هيو، جنهن ڪري امام حسين عہ يزيد جي بيت کان انڪار ڪيو. امامن عشق جي راهہ ۾ ڪُسندي قرار پئي محسوس ڪيو.

سَختِي شَهادَتَ جِي، مِڙوئِي مَلا رُ؛
ذَرو ناهِ يَزِيدڪي، اِيِ عِشَقَ جَوآثارُ؛
ڪُسَڻَ جو قَرارُ، اَصُلُ اِمامَن سين.
(سُر ڪيڏارو، د 1)

لطيف سائين وٽ غم ۾ گوندر جي ڪا مادي شڪل يا وجود ناهي پر اهو هڪ اهڙو احساس آهي، جيڪو عشق جي اتاهين جذبي ۾ ڪيفيت مان جنم وٺي ٿو. اهو عشق ئي آهي جيڪو اندر ۾ سور جا سوين ڏڱ ناهي وجي ٿو.

گُوندَرَ هَٿَ نہ پيرَ، وِرهُ مَنجِهين وَهَٽو؛
ڪُڙهِ ۾ قطارُون ڪَري، سُورَنِ لايا سيرَ؛
مُون جِئَن گهاري ڪيرَ، هيڪِلي رِءِ سَجَڻين؟
(سُر رپ، د 1)

”جيڪو عشق جي چاڙهاڪي تي چڙهيو، انهيءَ گوندر ۾ غم، ورهہ ۾ وڇوڙي کي ٻُر لاتو. هيءَ ڪيفيت ۾ احساس ڪا مادي شيءِ نہ آهي، جنهن کي هٿ لائي محسوس ڪري سگهجي. هيءَ تہ جيءَ جي جهوري ۾ اندر جي اها اُساٽ آهي، جيڪا مجهن ئي پئي نهائينءَ جيان دُکندي ۾ ڏڱندي آهي.“ (10)

پٽائي وٽ عشقُ ـ ڪامڻ، پچڻ، پڃرڻ، لڇڻ ۾ ڳولڻ جو نالو آهي. اهي سڀ دک ۾ اذيت جا استعارا آهن. لطيف عشق کي اڃ سڏيو آهي، عشق جي اها اڃ ۾ اساٽ ڪڏهن پوري نہ ٿي ٿئي. ان پياس جي اڳيان سمنڊ بہ هڪ سُرڪ برابر نہ آهي.

ڪـامــان، پَــچــان، پَــچُــران، لُــچــان ۽ لــوچــان؛
تَــنَ ۾ تَــوْنـسَ پِــرِيــنءَ جِــي، پِــيــان نـــ ڍاپــان؛
جي سَمُندَ مُنهن ڪريان، توءِ سُرڪيائِي نـ ٿِـئـي.
(سُـر سـهـڻـي، د 6)

هڪ پاسي عشق اڃ آهي تہ ٻي پاسي آتش. اهڙي آتش جنهن سان جان جلائي ڇڏڻي آهي. اها آتش ۽ آڳ دک جو اهڃاڻ آهي. لطيف سائين اندر مان اٿندڙ نينهن جي دونهين کي دکائي، من ۾ عشق جو مچ ٻاري، جان جلائي آتش کي آب ڪرڻ چاهي ٿو.

نســــورو ئـــي نــــيــــنــــهـــن جـــو، دل ۾ دود دُکـــاءِ،
آڳـــي آڳِ عِشـــقَ جِـــي، ٻــــاري جــــانِ جَـــلاءِ،
چِــنــدا! اِيــئَــن جُڳــاءِ، جِــئَــن آتَشــان آبُ ٿِــئــي.
(سُـر رامڪلي، د 4)

اها آتش تڏهن ئي آب ٿئي ٿي، يعني اهو درد تڏهن ئي خوشيءَ ۾ تبديل ٿئي ٿو جڏهن عشق ۾ صداقت پيدا ٿئي ٿي.

شاهہ لطيف جو سمورو ڪلام انهيءَ عشق ۽ درد جي ساٿ ۽ سنگم سان ڀرپور نظر اچي ٿو. عشق جنهن جي ڪک مان پيڙا جو جنم ٿئي ٿو، اهو عشق درد جي سمورين لذتن سميت پنائي جي ڪلام ۾ نمايان نظر اچي ٿو. لطيف سائين وٽ عشق، ڪڏهن اڃ آهي تہ ڪڏهن، ڪامڻ، پچڻ ۽ پچرڻ جو مرحلو، ڪڏهن هو اڻ ٽڪ سفر جي اسرار کي عشق جو احساس ڄاڻائي ٿو تہ ڪڏهن وري، سماجي ٻنڌڻن کي ٽوڙي عشق جي آڳ پڙڪائي ٿو، ان آڳ ۾ منو منو درد آهي. هن جا ڪردار ان دک ۽ درد مان مزو ماڻين ٿا، سور کي ساهہ ۾ سمائين ٿا، غم کي ڳلي جو هار سمجهن ٿا، تڪليفن کي تڇ ڀانئين ٿا ۽ عشق جي غمناڪ ڪيفيتن ۾ گم رهن ٿا. لطيف سائين جو ڪلام پڙهندي هڪ عام پڙهندڙ بہ انيڪ ڀيرا پاڻ کي عشق جي گهري سمنڊ ۾ غرق ٿيندي درد جو مزو ماڻي ٿو ۽ انهن ڪردارن جي غم کي پنهنجي اندر ۾ اتاري ٿو، جن کي عشق جي طفيل اهو غم عطا ٿيو. حقيقت ۾ ان درد جو اصل لطف انهن عاشقن کان پڇجي جيڪي هر اذيت ۽ رنج کي اڪين تي رکي پنهنجو سفر جاري رکندا آهن. شاهہ سائين جي ڪلام ۾ عشق ۽ درد اڻٽٽ انگ وانگر آهن، جنهن کي ڪڏهن بہ جدا نہ ٿو ڪري سگهجي.

نوٽ: هن مقالي ۾ ڏنل بيتن پنيان ”د“ سُر جي داستان جي نشاندهي ڪري ٿو. مقالي ۾ شاهہ جي رسالي جو هيءُ نسخو ڪتب آندو ويو آهي:شاهہ جو رسالو (مولف: غلام محمد شاهواڻي، سنڌيڪا اڪيڊمي، ٻيو ڇاپو 2005)

حوالا:


1. فهميده حسين ڊاڪٽر، ايڊيٽر: "ڪلاچي" تحقيقي جرنل، جلد ٻيو، شمارو ٻيو سال 1999ع (مقالو: "ايءَ تان آهه عشق جي" ـ محمد حسين ڪاشف) شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، ص 66 ۽ 67
2. زيدي ساجده، "انساني شخصيت ڪي اسرار و رموز"، قومي ڪونسل براءِ فروغ اردو زبان، نئي دهلي، 1999ع ص 423
3. مهراڻي، شير، ڊاڪٽر، "شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات" ثقافت کاتو ـ حڪومتِ سنڌ 2013، ص 161
4. دانش احسان ڊاڪٽر، "شاهه لطيف جي شاعريءَ جو سماجي ڪارج" ثقافت کاتو، حڪومتِ سنڌ، 2016ع، ص 386
5. ڪاشف، محمد حسين "لطيفي فڪر ۽ سُرن جي ساڃاهه" ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز جولاءِ 2005ع، ص 138
6. شاد بشير احمد، ڊاڪٽر "شاهه لطيف ـ هر دور جو شاعر" سنڌيڪا اڪيڊمي 2008ع ، ص 150
7. دانش احسان ڊاڪٽر، "شاهه لطيف جي شاعريءَ جو سماجي ڪارج" ثقافت کاتو، حڪومتِ سنڌ، 2016ع، ص 390
8. ساڳيو ص 395
9. آغا سيلم "لات جا لطيف جي" سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 2008، ص 37
10. ڪاشف محمد حسين "لطيفي فڪر ۽ سُرن جي ساڃاهه" ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز جولاءِ 2005ع، ص 139